# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريہ 2016

# SINDH ACT NO.XXII OF 2016

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) ايڪٽ، 2016

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 2016

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 87 جي ترميم

Amendment of section 87 of Sindh Act No.XLII of 2013

4. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 90 جي ترميم

Amedment of section 90 of Sindh Act No.XLII of 2013

5. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊول II جي ترميم

Amendment of Shedule_II of of Sindh Act No.XLII of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريه 2016

# SINDH ACT NO.XXII OF 2016

# سنڌ مقامي حڪومت (ٽئين ترميم) ايڪٽ، 2016

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 2016

[28 جون، 2016]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ مقامي حڪومت (ٽئين ترميم) ايڪٽ، 2016 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

سنڌ جي 2013 ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 87 جي ترميم
Amendment of section 87 of Sindh Act No.XLII of 2013

2. مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾، ان کانپوءِ دفعہ 87 ۾، ذيلي دفعہ (1) جي لاءِ ڄاڻايل ايڪٽ طور حوالي ڏنو ويو ھيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:

“(1) حڪومت سڌو سنئون لوڪل گورنمينٽ جي علائقي ڊائريڪٽوريٽ جي ذريعي ڪونسلن تي عام نگراني ۽ ڪنٽرول جو استعمال ڪندي تہ جيئن ھن کي يقيني بڻايو وڃي، ھن جون سرگرميون ھن ايڪٽ جا مقصد شقن جي مطابق ھوندا“.

سنڌ جي 2013 ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 90 جي ترميم
Amedment of section 90 of Sindh Act No.XLII of 2013

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 90 ۾ ڄاڻايل دفعہ (1) جي لاءِ ھيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:

(1) حڪومت پاران مالي سال ۾ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ڀيرو ڪائونسلن جي ڪم جو معائنو ڪيو ويندو يا مقامي حڪومت جي علائقائي ڊائريڪٽوريٽ جي ذريعي معائنو ڪرڻ واري آفيسر جي حيثيت سان چونڊيو ويندو يا حڪومت پاران مقرر ڪيل معائنو ڪندڙ ٽيم جيئن تجويز ڪيو ويو ھجي.

سنڌ جي 2013 ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊول II جي ترميم

4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ شيڊول-II ۾ حصو-II ۾ آئٽم 52 ۾ ڄاڻايل دفعہ (1) جي لاءِ ھيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-

”(1) ھڪ ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي يا ٽائون ڪاميٽي ۾ جيڪڏھن حڪومت پاران ضرورت ھجي تہ،

لوڪل علائقي جي اندر اهڙا عوامي باغ تيار ۽ سارسنڀال ڪري سگهي ٿي جيڪا عوامي جي تفريح ۽ سهولت جي لاءِ ضروري هجي، يا تہ پنهنجي طور تي يا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي پاڙيسري ايسوسيشنيز ۽ ناليواري قومي يا ملٽي نيشنل ڪارپوريشنن جي ذريعي سنڀالڻ ۽ اهڙن عوامي باغن جي سارسنڀال ۽ انتظام هن طريقي سان ڪيا ويندا، جيئن تہ قاعدا فراهم ڪري سگهي ٿي. “

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**